DAY — 03 SEAT NUMBER | | | | | | |

2025	II	13	1100	J-262	(ARB & DEV)

SINDHI (07)

(Arabic 1-12, Devnagari 13-20)

Time : 3 Hrs. **(20 Pages)** **Max. Marks : 80**

(Arabic Script)

1. مشغولي ۾ ۾ مناسب شڪل ڪيو.
2. شڪليون پين سان ڪيو.
3. 'ڪمائتو لڪ' ۾ شڪلين جي ضرورت نہ آهي.
4. 'سوال' يا 'ٿڪر' لکڻ جي ضرورت نہ آهي .
5. صفائي ۾ سان سنئي ۾ سهڻي نموني لکڻ تي ڌيان ڏيو.

SECTION–A

سوال 1 (الف) .ٿڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو (8) [20]

هڪڙي ٻيري رستي تي ويندي پٿر اڇي پير تي لڳس. پاڻ ڪي چوڻ لڳو : " ادا عبدالرحمان، ڪيڏو نہ مٺو ڳري ويو اٽيئي! اکيون اٽيئي آڪاس ۾. جيڪڏهن اکيون کولي هلين ها تہ پٿر توکي کين لڳي ها." اُتي ويچار ۾ وينو رهيو. ساعت رکي چيائين "ادا عبدالرحمان، ڏس ڪهڙو خود مطلبي آهين! ادا عبدالرحمان ، ائين ڪو جڳائي جو پٿر پٽ تي ڇڏي رمندو رهين! سياڻي ٻئي ڪنهن واٽهڙوءَ کي لڳي وڃي! وري ٿورو دم جهلي ۾ ويچار ڪري چوڻ لڳو "ادا عبدالرحمان، جي ڇگو مڙس آهين تہ پٿر ڪٽي پري ڦٽو ڪر." ۾ پٿر ڪٽي پري ڦٽو ڪيائين.

اُها سندس عادت هوندي هئي تہ هميشہ پاڻ سان
ڳالهائيندو هو ۽ پاڻ کي سڏيندو هو 'ادا عبدالرحمان' شايد
پاڻ ڏسي پاڻ ۾ پيهي رمز ۾ري گفتار ڪندو هو. جيڪڏهن
ڪو ڪٽي پڇندو هوس تہ عبدالرحمان، ماني کائيندين؟ تہ
پهريائين پاڻ کان پڇندو هو "ادا عبدالرحمان ، پڇيئي ٿو تہ
ماني کائيندين؟" وري پاڻ کي جواب ڏيندو هو "خوردن
بَرائي زيست است، نہ زيست برائي خوردن" يعني کائجي ٿو
تہ ماڻهو زندهہ رهي سگهي ۽ زندگي اُنهيءَ لاءِ نہ آهي تہ پيٽ
ڪٽي پيٽ ڪُٽجي.

(1) خاڪو پورو ڪريو: (2)



(2) ٽڪر مان لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهي لکو: (2)

(i) مسافر
(ii) آسمان
(iii) ساهہ
(iv) روٽي

(3) عددن جا جوڑا ملايو: (2)

(i)	رستو	(i)	اَکيون
(ii)	اَک	(ii)	مٿا
(iii)	عادت	(iii)	رستا
(iv)	مٿو	(iv)	عادتون

(4) اَدو عبدالرحمان جي خاص عادت بابت بياب لکو. (2)

سوال 1 (ب) ٹکر پڑهي عملي ڪم پورو ڪريو. **(8)**

چوندا آهن تہ واندي مل کي ڪو نہ ڪو ڪم ڪپي. سو يارن چيو تہ تنهنجو گلو ڏاڍو سريلو آهي ڇو نٿو گانو سکين! يارن جي ٹيڪرن ۾ مون کي ڦونڊايو. مون ۾ ڪٹي لکنوئي لباس ٹهرايو، وڏو گويو پئي ڈسڻ ۾ آيس. روز رياض ۾ ڪندو هوس. پاڙي وارن جي ننڍ ڦٹي پيئي. روز ٻاهرين طرح نہ تہ اندرين طرح گاريون ڈيندا هوندا. نيٹ گانو سکيس. هڪڙي ڈينهن ڪوٹ ملي تہ اچي پنهنجي سريلي گلي سان سُريلو آواز ٻڌاءِ. مان ۾ پنهنجي سازن وارن سان گڈ ويس. سازن وارن ساز وڄائڻ شروع ڪيا ۽ مون ۾ پنهنجو گلو ڦاڑيو. منهنجو گلو ڦاڑڻ ۽ ماٹهن جون تاڑيون وڄائڻ. مان سمجهڻ لڳس تہ پبلڪ منهنجو سواگت ٿي ڪري. پر پتو تڈهن پيو جڈهن اَنڊن ۽ ٹماٹن جو مون مٹان وسڪارو ڪيو ويو. ماٹهن کي گهٹو ئي سمجهايم ۽ چيم ، "پائرو مان اَنڊا ڪون کائيندو آهيا". ماٹهون مُڑن ڇو تا! منهنجو منهن ۾ سڄو انڊن سان ٹڦجي پيو. جيئن تيئن پنهنجو سريلو گلو بند ڪري گهر پيڑو ٹيس.

(1) چوڪنڍي ۾ ڈنل لفظن مان "سنگيت" سان لاڳاپو رکندڙ لفظ چونڍي لکو. (ڪي ۾ چار) (2)

ڈُکڙ، ساز، گلو، عمارت، وڻ، ڪلاڪار، باجو، گويو، آواز، پوٹو، ٻئنڊ، آسمان.

(2) هڪ ست ۾ جواب لکو: (2)

(i) واندي مل جي دوست کيس ڪهڙي سلاح ڈني؟

(ii) واندي مل کي ڪهڙي ڪوٹ ملي؟

(3) ٹکر مان هيٹين جملن سان لاڳاپو رکندڙ ستون ڳولهي لکو. (2)

(i) مان ويشنوُ آهيان.

(ii) دوستن جي ساراهہ مون ۾ جوش وڌايو.

(4) پنهنجي شؤق بابت چار جملا لکو. (2)

سوال 1 (ث) ڪنهن بہ هڪ سوال جو جواب لکو. (4)

(i) آپدائن جا ڪهڙا قسم آهن؟ ڪنهن بہ هڪ آپدا جو بيان ڪريو.

(ii) 'سنڌو درشن' ليهہ ۾ ڇو ملهايو ويندو آهي؟

SECTION–B

سوال 2 (الف) بيت پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو: (8) [16]

جي تن هن ديس تان صدقي ڪرڻ ٻي هڪ بغاوت آ
جي پنهنجي ملڪ جو شيوڪ ٽيڻ ٻي هڪ بغاوت آ
جي ماتر ٻومیءَ سان اُلفت رکڻ ٻي هڪ بغاوت آ
جي اُن جي حال تي ماتم ڪرڻ ٻي هڪ بغاوت آ
بغاوت جي اها آهي تہ مان ٻي آهيان هڪ باغي!

جي سوديشي شين کي واپرائڻ هڪ بغاوت آ
جي کاديءَ جي پوشاڪ پائڻ هڪ بغاوت آ
وديشي مال کان جي منهن مٽائڻ هڪ بغاوت آ
سنيهو ملڪ جو گهر گهر پڄائڻ هڪ بغاوت آ
بغاوت جي اها آهي تہ مان ٻي آهيان هڪ باغي!

(1) هيٺ ڏنل ستن جو نثرو روپ لکو: (2)

(i) مان ٻي آهيان هڪ باغي.

(ii) بغاوت جي اها آهي.

(2) اکر "ت" بابت جوڑا ملايو. (2)

(i)	وچ ۾ "ت"	(i)	شيوک
(ii)	شروعات ۾ "ت"	(ii)	الفت
(iii)	آخر ۾ "ت"	(iii)	ماتم
(iv)	"ت" موجود نہ آهي.	(iv)	تن

(3) برئڪيٽ ۾ صحي يا غلط لکو. (2)

(i) شاعر ملڪ جو شيوک ٽيڙ چاهي ٿو.

[ ]

(ii) شاعر ويديشي شيون ڪم آڻڻ چاهي ٿو.

[ ]

(iii) شاعر ماتر يوميءَ سان پيار ڪرڻ نہ ٿو چاهي.

[ ]

(iv) شاعر ديش لاءِ قربان ٽيڙ چاهي ٿو.

[ ]

(4) توهان پنهنجي ديش لاءِ ڇا ڪرڻ چاهيندا؟ ٿوري ۾ بيان ڪريو. (2)

سوال 2 (ب) بيت پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو. **(8)**

ڪنڌن جي سيجا تي پشپ ڪليون پي ليٽيل آهن،
ڪرن جي آنچل ۾ ڪرٽا پي تہ سميٽيل آهن،
غم جا بادل گهٽبا ويندا ۔ هڪ هڪ ٽي هڪ هڪ ٽي.

مُرڪي مُرڪي لُڙڪ "وفا" اکڙين ۾ پي جي ويندين،
راهن جي گهٽ گهيرن کان تون واقف ٽي جي ويندين،
پيڙ پاڻهي هٽبا ويندا ۔ هڪ هڪ ٽي هڪ هڪ ٽي.

(1) خاکو پورو ڪريو: (2)

(i) ڪنڌن جي ←

(ii) غم جا ←

(2) "مُرڪي مُرڪي لڙڪ 'وفا' اکڙين ۾ پي جي ويندين" (2)
مٿي ڏنل ست جي آڌار تي هيٺين سوالن جا جواب هڪ لفظ ۾ لکو.

(i) ڪهڙو لفظ ٻہ دفعا ڪم آندل آهي؟
(ii) شاعر جو نالو لکو.
(iii) اکين مان ڇا وهندا آهن؟
(iv) ڏسڻ جو حواس ڪهڙو ڏنل آهي؟

(3) برڪيٽ مان صحيح هم آوازي لفظ ڳولهيو. (2)

(i) ڪڪر - (ٽڪر، بادل، برسات)
(ii) غم - (چاهہ، دم، ڳوڙها)
(iii) ڪنڌا- (پشپ، ڪليون، اَنڌا)
(iv) ڪليون- (گل، وليون، ڪرٽا)

(4) "ڪنڌن جي سيجا تي پشپ، ڪليون، پي ليٽيل آهن" (2)
شاعرُ هن ست ۾ ڪهڙو سنديش ڏئي ٿو؟

SECTION- C

سوال 3 ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو. **[6]**

تنهن ڏينهن ئي مون تنهنجي رهبري قبول ڪئي هئي ۽ من ئي من ۾ سوچيو هوم تہ سڄي عمر اها وات ونندس. اجائي موهہ ۽ ماتاپٽي جي ايمان وس ٿي جيڪڏهن ڪا غلطي ڪري ٻہ وينس ۽ تون سمجهائيندين ۽ چوندين، "اما، تون غلط آهين. اها ڳالهہ ڪانهي، هيئن آهي" تہ خوشيءَ سان قبول ڪنديس. من ڪي ڪا ڳالهہ بري ٻہ لڳندم تہ ائين سمجهنديس تہ زمانو

اڳتي پيو وڌي ۽ تون جيڪو چوين ٿو سو نئين زماني موجب ضرور ٺيڪ هوندو. اهو وشواس رکي، اُها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪندیس ۽ تنهنجي سک ۾ ڪڏهن به وگهن نه وجهندیس. تنهنجي سمجهه ۾ پنهنجيءَ سمجهه کان زيادهه پروسو رکندیس ڇو ته اِنسان جي سمجهه ترقي پيئي ڪري.

منهنجا گل، ڏار ٽيڙ جي ڳالهه تي اسان گڏجي سوچيو آهي ۽ فيصلو ڪيو آهي. پوءِ هي دک ڇو! اڄ به جي ممتا وس ٽي روئي ويهان ۽ منهنجا ڳوڙها تو لاءِ روڪ ٽي پون ته هڪ وار وري چئج، "اما، تون غلط آهين. توکي مرکي موڪل ڏيڻ گهرجي." ۽ مان تنهنجي رهبري ضرور قبول ڪندیس. چوندیس، "وڃ پٽ، شل سکيو رهين. اڳتي وڌ. تون آهين ۽ تنهنجي اڳيان هياتيءَ جي شاهراه آهي!"

(1) مناسب متبدل جواب چونڊي لکو:

(i) 'تنهنجي سک ۾ ڪڏهن به وگهن نه وجهندیس' (1)
اِهو جملو ---------- آهي.

الف) زمان حال
(ب) زمان ماضي
(پ) زمان مستقبل.

(ii) 'هڪوار' لفظ جو مطلب ..... (1)

الف) هڪ دفعو
(ب) هر گهڙي.
(پ) هميشه

(iii) زمانو اڳتي پيو وڌي. (1)

اِن ست ۾ 'دنيا' سان لاڳاپو رکندڙ لفظ.

الف) زمانو

(ب) اڳتي

(پ) وڌي

(iv) اٽ ٺهکندڙ لفظ کهڙو اهي. (1)

سک، خوسي، دک

الف) سک

(ب) خوشي

(پ) دک

(v) لاڳاپو پورو ڪريو (1)

ڳوڙهو : ڳوڙهي :: غلطي [ ]

الف) غلتيون

(ب) ڳوڙهو

(پ) ڳوڙهي

(vi) 'اڳتي وڌ' جو مطلب ..... (1)

الف) پٹيان هلُ

(ب) ترقي ڪر

(پ) اڳيان نهار.

SECTION-D

سوال4 (الف) ضد لکو (ڪي به ٻه) (2) [10]

(i) شروع

(ii) سياڻو

(iii) کوٽ

(iv) هيٺ

(پ) صفتون ناهيو (ڪي به ٻه) (2)

(i) عادت
(ii) اَثر
(iii) ڏينهن
(iv) هوشياري

(پ) جنس متايو (ڪي به ٻه) (2)

(i) گھوڙو
(ii) امڙ
(iii) ماسٽرياڻي
(iv) ماسي

(پ) اصطلاحن جي منعيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو(ڪي به ٻه) (2)

(i) ڪن ڏيئي ٻڌڻ.
(ii) واهر ڪرڻ
(iii) هڙپ ڪرڻ
(iv) صدقي وڃڻ

(پ) زمان مثال ڏيئي سمجھايو. (ڪي به ٻه) (2)

(i) زمان حال
(ii) زمان ماضي
(iii) زمان حال استمراري
(iv) زمان ماضي استمراري

SECTION-E

5 سوال (الف) پنھنجي دوست يا ساھڙيءَ کي وقت جي اَھميت سمجھائيندي خط لکو. (6) [28]

يا

آواز پردوشڻ گھٽائڻ بابت اخبار جي سمپادڪ ڏانھن خط لکو.

(پ) ڪنهن بہ هڪ وشيہ تي پنهنجا ويچار لکو. (10)

(i) پڳل عينڪ جي آتم ڪتا.

(ii) اي-ميل مان فائدا.

(iii) راندين جي اهميت

(iv) منهنجو پيارو نيتا

يا

ڏنل بيان سان شروع ڪري آکاڻي پوري ڪريو.

آج ڪاليج جو پهريون ڏينهن هو .....

(پ) هيٺ ڏنل اڻ لاڳاپو رکندڙ لفظ ڪم آڻي آکاڻي ٺاهيو: (6)

بٽڻ، گاڏي، برسات، ولائت

يا

گفتگو لکو (ڪو بہ هڪ)

(i) دوست / ساهڙيءَ وچ ۾ آن لائين پڙهائيءَ بابت.

(ii) سائنسدان ۽ شاگرد وچ ۾.

(پ) ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو. (6)

آسان جي سنڌ ۾ اوڙي پاڙي جي وڏي اهميت هوندي هئي. پاڙو آهي ابو امڙ. پاڙي بن نہ ڪو روئندو سونهي، نہ ڪو کلندو سونهي، پر هت ممبئيءَ ۾ خاص ڪري فليٽ سسٽم ۾ ريت ئي نرالي آهي. نہ ڪنهن جي هري رام، نہ ڪنهن جي ستنام! هر ڪو پنهنجيءَ ۾ پورو! اسان جي 'ڪرشنا ڪنج' جي ئي ڳالهہ ونو. ست ماڙ عمارت آهي. هر ماڙي تي چار گهر. مونکي خبر نہ آهي تہ هت

پنجين ماڙي تي ، جتي مان رهان ٿو، ٻيا ڪير ڪير رهندڙ آهن. هڪ گهر جي ڀاڙ اٿم تہ اُهو گهر سنڌيءَ جو آهي. گهر جي مالڪ جو نالو ايشور ڪلناڻي آهي. اهو هن جي در تي لڳل تختيءَ تي پڙهيو اٿم. ڪڏهن ڪڏهن هو لفٽ ۾ ملي ويندو آهي. بس هيلو ڪندي مسڪرائيندو آهي ۽ اڪيون هيٺ ڪري ڇڏيندو آهي. عمر اٽڪل سٺ سال اٿس. اڇو ڪڙتو، اڇي ڏوتي ۽ پيرن ۾ چمپل پائيندو آهي. منهنجي گهر ۾ ڪم ڪرڻ واري ڀڏائيندي آهي تہ ڪاڪي جي زال اٽڪل ڏهہ سال اڳ گذاري ويئي هئي. ڪاڪو گهر ۾ اڪيلو رهندو آهي. اها جمنا ئي هن جي گهر جا ڀانڊا، ڀهاري ڪندي آهي. ڪاڏي جو ڇڻن ڏينهن ۾ هڪ ويلو ڪڻان ايندو اٿس. ڪاڪو صبح جو يارهين بجي گهر کي تالو پائي ڪٽي ويندو آهي تہ وري نما شام جو گهر واپس ورندو آهي.

(1) متبدل جواب چونڊي لکو. (2)

(i) ايشور ڪلناڻيءَ جي عمر.....

(الف) سٺ سال

(ب) پنجاهہ سال

(پ) چاليهہ سال

(ii) عمارت جو نالو ..... ڪنج آهي.

(الف) جمنا

(ب) ڪرشنا

(پ) گيتا.

(2) عددن جا جوڑا ملايو. (2)

(i)	ڳالھ	(i)	ياندا
(ii)	خبر	(ii)	چمپليون
(iii)	چمپل	(iii)	خبرون
(iv)	ياندو.	(iv)	ڳالھيون

(3) خاڪو پورو ڪريو. (2)



◆◆◆

(Devnagari Script)

हिदायतूं :

(१) मश्गूलीअ में मुनासिबु शिकिल कढो.
(२) शिकिलियूं पेन सां कढो.
(३) 'कमाइतो लिखण' में शिकिलियुनि जी ज़रूरत न आहे.
(४) 'सुवाल' या 'टुकरु' लिखण जी ज़रूरत न आहे.
(५) सफ़ाईअ सां सुठे ऐं सुहिणे नमूने लिखण ते ध्यानु डि॒यो.

SECTION-A

सुवाल १. (अलफ़ु) टुकरु पढ़ी अमली कमु पूरो करियो **(८)[२०]**

हिकड़े भेरे रस्ते ते वेंदे पथरु अची पेर ते लगु॒सि. पाण खे चवण लगो॒ :

''अदा अब्दुल रहमान, केड़ो॒ न मथो फिरी वयो अथेई ! अखियूं अथेई आकास में. जेकड़॒हिं अखियूं खोले हलीं हा त पथरु तोखे कीन लगे॒ हा.'' उते वीचार में वेठो रहियो. साअत रखी चयाईं ''अदा अब्दुल रहमान, डि॒सु कहिड़ो ख़ुद मतलबी आहीं ! अदा अब्दुल रहमान, ईएं को जुगा॒ए जो पथरु पट ते छड़े॒ रमंदो रहीं ! सुभाणे बि॒ए कंहिं वाटहडूअ खे लगी॒ वजे !'' वरी थोरो दमु झले ऐं वीचारु करे चवण लगो॒ :

अदा अब्दुल रहमान, ''जे चङो मुड़ु॒सु आहीं त पथरु खणी परे फिटो कर.'' ऐं पथरु खणी परे फिटो कयाईं.

उहा संदसि आदत हूंदी हुई त हमेशह पाण सां गाल्हाईंदो हो ऐं पाण खे सड़ींदो हो 'अदा अब्दुल रहमान' शायद पाणु डि॒सी पाण में पेही रम्ज़ भरी गुफ़तार कंदो हो. जेकड़॒हिं को खणी पुछंदो होसि त अब्दुल रहमान, मानी खाईंदें? त पहिरियाईं पाण खां पुछंदो हो, ''अदा अब्दुल रहमान, पुछेई थो त मानी खाईंदें?'' वरी पाण खे जवाबु डी॒ंदो हो, ''ख़ोरदनि बराए ज़ेसत असत्, न ज़ेसत बराए ख़ोरदनि'' याने खाइजे थो त माण्हू ज़िंदह रही सघे ऐं ज़िंदगी इन्हीअ लाइ न आहे त पेटु कटे पेटु कुटिजे.

(१) ख़ाको पूरो करियो : (२)



(२) टुकर मां लागापो रखंदड़ लफ़्ज़ गोल्हे लिखो : (२)

(i) मुसाफ़िर
(ii) आसमान
(iii) साहु
(iv) रोटी

(३) अददनि जा जोड़ा मिलायो : (२)

(i) रस्तो	(i) अखियूँ
(ii) अखि	(ii) मथा
(iii) आदत	(iii) रस्ता
(iv) मथो	(iv) आदतूँ

(४) अदो अब्दुल रहमान जी ख़ासि आदत बाबत् बयानु लिखो. (२)

सुवाल १. (ब) टुकरु पढ़ी अमली कमु पूरो करियो : **(८)**

चवंदा आहिनि त वांदेमल खे को न को कमु खपे. सो यारनि चयो त तुंहिंजो गलो डाढो सुरीलो आहे, छो नथो गानो सिखीं ! यारनि जे टीकरुनि बि मूं खे फूंडायो. मूं बि खणी लखनवी लिबासु ठहिरायो, वड़ो गवयो पए डिसण में आयुसि. रोजु रियाजु बि कंदो होसि. पाड़े वारनि जी निंड फिटी पेई. रोज़ बाहिरीं तरह न त अंदिरीं तरह गारियूं डींदा हूंदा. नेठि गानो सिखियुसि. हिकिड़े डींहुं कोठ मिली त अची पंहिंजे सुरीले गले सां सुरीलो आवाजु बुधाइ. मां बि पंहिंजे साज़नि वारनि सां गडु वयुसि. साज़नि वारनि साज़ वजाइणु शुरू कया ऐं मूं बि पंहिंजो गलो फाड़ियो. मुंहिंजो गलो फाड़िणु ऐं माण्हुनि जूं ताड़ियूं वजाइणु. मां समुझण लगुसि त पब्लिक मुंहिंजो सुवागतु थी करे. पर पतो तड़हिं पयो जड़हिं अंडनि ऐं टमाटनि जो मूं मथां वसकारो कयो वयो. माण्हुनि खे घणो ई समझायुमि ऐं चयुमि, ''भाउरो मां अंडा कोन खाईंदो आहियां. माण्हूं मुड़नि छो था ! मुंहिंजो मुंहुं बि सजो अंडनि सां थफिजी पयो. जीअं तीअं पंहिंजो सुरीलो गलो बंदि करे घर भीड़ो थियुसि.''

(१) चौकुंडे में डिनल लफ़्ज़नि मां 'संगीत' सां लागापो रखंदड़ लफ़्ज़ चूंडे लिखो (के बि चार) (२)

धुकडु , साज़, गलो, इमारत, वण, कलाकार, बाजो, गवयो, आवाज़, बुटो, बैंड, आसमान

(२) हिक सिट में जवाबु लिखो : (२)

(i) वांदेमल जे दोस्त खेसि कहिड़ी सलाह ड़िनी ?

(ii) वांदेमल खे कहिड़ी कोठ मिली?

(३) टुकर मां हेठियनि जुमिलनि सां लागापो रखंदड़ सिटूं गोल्हे लिखो : (२)

(i) मां वेशनू आहियां.

(ii) दोस्तनि जी साराह मूं में जोशु वधायो.

(४) पहिंजे शौक बाबत चार जुमिला लिखो. (२)

सुवाल १. (स) कंहिं बि हिक सुवाल जो जवाब लिखो : **(४)**

(i) आपदाउनि जा कहिड़ा क़िस्म आहिनि? कंहिं बि हिक आपदा जो बयानु करियो.

(ii) 'सिंधू दर्शन' लेह में छो मल्हायो वेंदो आहे?

SECTION-B

सुवाल २. (अलफ़) बैतु पढ़ी अमली कमु पूरो करियो : **(८)[१६]**

जे तनु हिन देस तां सदक़े करणु भी हिक बग़ावत आ
जे पंहिंजे मुल्क जो शेवक थियणु भी हिक बग़ावत आ
जे मातृभूमिअ सां उल्फ़त रखणु भी हिक बग़ावत आ
जे उन जे हाल ते मातम करणु भी हिक बग़ावत आ
बग़ावत जे इहा आहे त मां भी आहियां हिकु बाग़ी !

जे स्वदेशी शयुनि खे वापराइणु हिक बग़ावत आ
जे खादीअ जी पोशाक पाइणु हिक बग़ावत आ
विदेशी माल खां जे मुंहुं मटाइणु हिक बग़ावत आ
सनेहो मुल्क जो घर घर पुज़ाइणु हिक बग़ावत आ
बग़ावत जे इहा आहे त मां भी आहियां हिकु बाग़ी !

(१) हेठि ड़िनल सिटुनि जो नसुरी रूप लिखो. (२)

(i) मां भी अहियां हिकु बाग़ी.

(ii) बग़ावत जे इहा आहे.

(२) अख़र 'त' बाबत् जोड़ा मिलायो. (२)

(i)	विच में 'त'	(i)	शेवक
(ii)	शुरुआत में 'त'	(ii)	उल्फ़त
(iii)	आख़िर में 'त'	(iii)	मातम
(iv)	'त' मौजूद न आहे	(iv)	तन

(३) ब्रेकेट में सही यां ग़लत लिखो. (२)

(i) शाइरु मुल्क जो शेवक थियण चाहे थो. [ ]
(ii) शाइरु विदेशी शयूं कमु आणणु चाहे थो. [ ]
(iii) शाइरु मातृभूमिअ सां प्यार करण नथो चाहे. [ ]
(iv) शाइरु देश लाइ कुर्बान थियणु चाहे थो. [ ]

(४) तव्हां पहिंजे देश लाइ छा करण चाहींदा? थोरे में बयानु करियो. (२)

सुवाल २. (ब) बैतु पढ़ी अमली कमु पूरो करियो : **(८)**

कंडनि जी सेजा ते पुष्प कलियूं भी लेटियल आहिनि,
ककरनि जे आंचल में किरणा भी त समेटियल आहिनि,
ग़म जा बादल घटिबा वेंदा – हिकु हिकु थी हिकु हिकु थी.

मुर्की मुर्की लुड़िक 'वफ़ा' अखड़ियुनि में पी जे वेंदें,
राहुनि जे घट घेरनि खां तूं वाक़ुफ़ु थी जे वेंदें,
पीड़ पाणही हटबा वेंदा – हिकु हिकु थी हिकु हिकु थी.

(१) ख़ाको पूरो करियो : (२)

(i) कंडनि जी → [ ]
(ii) ग़म जा → [ ]

(२) 'मुर्की मुर्की लुड़िक 'वफ़ा' अखड़ियुनि में पी जे वेंदें' (२)
मथे डि़नल सिट जे आधार ते हेठियनि सुवालनि जा जवाब हिक लफ़्ज़ में लिखो.

(i) कहिड़ो लफ़्ज़ु ब़ दफा कमु आंदलु आहे?
(ii) शाइर जो नालो लिखो.
(iii) अखियुनि मां छा वहंदा आहिनि?
(iv) डि़सण जो हवास कहिड़ो डि़नलु आहे?

(३) ब्रेकेट मां सही हमआवाज़ी लफ़्ज़ गो़ल्हयो. (२)

(i) ककर — [टकर, बादल, बरसात]
(ii) ग़मु — [चाह, दमु, गोड़ि़हा]

(iii) कंडा — [पुष्प, कलियूं, अंडा]

(iv) कलियूं — [गुल, वलियुं, किरणा]

(४) ''कंडनि जी सेजा ते पुष्प कलियूं भी लेटियल आहिनि'' — शाइरु इन सिट में कहिड़ो संदेश डि़ए थो? (२)

SECTION-C

सुवाल ३. टुकरु पढ़ी अमली कमु पूरो करियो : **[६]**

तंहिं डी़ंहं ई मूं तुहिंजी रहबरी क़बूल कई हुई ऐं मन ई मन में सोचियो होमि त सजी़ उम्र इहा वाट वठंदसि. अजाए मोह ऐं मातापुणे जे अभिमान वसि थी जेकड़हिं का ग़लती करे बि वेठसि ऐं तूं समझाईंदें ऐं चवंदें, ''अमा, तूं ग़लत आहीं, इहा गा़ल्हि कान्हे, हीअं आहे.'' त ख़ुशीअ सां क़बूल कंदसि. मन खे का गा़ल्हि बुरी बि लगंदमि त ईएं समझंदसि त ज़मानो अगि़ते पयो वधे ऐं तूं जेको चवीं थो सो नएं ज़माने मूजिब ज़रूर ठीक हूंदो. इहो विश्वास रखी, उहा गा़ल्हि ख़ुशीअ सां क़बूल कंदसि ऐं तुंहिंजे सुख में कड़हिं बि विघिनु न विझंदसि. तुंहिंजी समुझ में पोंहिंजीअ समुझ खां ज़ियादह भरोसो रखंदसि छो त इन्सान जी समुझ तरक़ी पेई करे.

मुंहिंजा गुल, धार थियण जी गा़ल्हि ते असां गड़िजी सोचियो आहे ऐं फ़ेसलो कयो आहे. पोइ ही दुखु छो! अजु़ बि जे ममता वसि थी रोई वेहां ऐं मुहिंजा गो़ढ़ा तो लाइ रोक थी पवनि त हिकवार वरी चइजि, ''अमा, तूं ग़लत आहीं. तोखे मुरकी मोकल डि़यणु घुरिजे.'' ऐं मां तुंहिंजी रहबरी ज़रूर क़बूल कंदसि. चवंदसि, ''वजु पुट, शल सुखियो रहीं. अगि़ते वधु. तूं आहीं ऐं तुंहिंजे अगि़यां हयातीअ जी शाहराह आहे!''

(१) मुनासिब मुतबदल जवाब चूंडे लिखो : (१)

(i) 'तुंहिंजे सुख में कड़हिं बि विघिनु न विझंदसि.' इहो जुमलो ——— आहे.

(अलफ़ु) ज़मान हाल

(ब) ज़मान माज़ी

(ब़) ज़मान मुस्तक़बिलु

(ii) 'हिकवार' लफ़्ज़ जो मतलब — (१)

(अलफ़ु) हिकु दफो

(ब) हर घड़ी

(ब़) हेमशह

(iii) 'ज़मानो अग॒ते पियो वधे' इन सिट में 'दुनियां' सां लाग॒ापो रखंदड़ लफ़्ज़ु (१)

(अलफ़ु) ज़मानो

(ब) अगि॒ते

(ब॒) वधे

(iv) अणठहकंदड़ लफ़्ज़ु कहिड़ो आहे. (१)

सुखु, ख़ुशी, दुखु

(अलफ़ु) सुखु

(ब) ख़ुशी

(ब॒) दुखु

(v) लाग॒ापो पुरो करियो. (१)

ग॒ोड़हो : ग॒ोड़हा :: ग़लती : ☐

(अलफ़ु) गलतियूं

(ब) ग॒ोड़हो

(ब॒) ग॒ोड़हा

(vi) 'अग॒ते वधु' जो मतलब — (१)

(अलफ़ु) पुठियां हलु

(ब) तरकी कर

(ब॒) अगि॒यां निहार

SECTION-D

सुवाल ४. (अलफ़ु) ज़िद लिखो (के बि ब॒) : (२) **[१०]**

(i) शुरू (ii) सियाणो

(iii) खोट (iv) हेठ

(ब) सिफ़तूं ठाहियो (के बि ब॒) : (२)

(i) आदत (ii) असरु

(iii) ड॒ीहुं (iv) होश्यारी

(ब॒) जिन्स मटायो (के बि ब॒) : (२)

(i) घोड़ो (ii) अमड़ि

(iii) मास्तरियाणी (iv) मासी

(प) इस्तलाहनि जी माना लिखी जुमिले में कमु आणियो (के बि ब॒) : (२)

(i) कन ड॒ई बु॒धणु (ii) वाहर करण

(iii) हड़प करणु (iv) सदके वञणु

(भ) ज़मान मिसाल डे़ई समझायो (के बि ब़) : (२)

(i) ज़मान हालु (ii) ज़मान माज़ी

(iii) ज़मान हालु इस्तमुरारी (iv) ज़मान माज़ी इस्तमुरारी

SECTION-E

सुवाल ५. (अलफ़ु) पहिंजे दोस्त यां साहिड़ीअ खे वक्त जी अहमियत समझाईंदे ख़तु लिखो : **(६)[२८]**

या

आवाज़ प्रदूषण घटाइण बाबत् अख़बार जे सम्पादक ड़ाहुं ख़तु लिखो.

(ब) कंहिं बि हिक विषय ते पंहिंजा वीचार लिखो : **(१०)**

(i) भग़ल ऐनक जी आत्मकथा

(ii) ई-मेल (E-mail) मां फ़ायदा

(iii) रांदयुनि जी अहमियत

(iv) मुहिंजो प्यारो नेता

या

ड़िनल बयान सां शुरू करे आखाणी पूरी करियो.

अजु़ कॉलेज जो पहिहिरयों ड़ींहु हो.....

(ब़) हेठि ड़िनल अणलाग़ापो रखंदड़ लफ़्ज़ कम आणे आखाणी ठाहियो : **(६)**

बैंक, गाड़ी, बरसात, विलायत

या

गु़फ़्तगू लिखो (को बि हिकु) :

(i) दोस्त/साहिड़ीअ विच में ऑनलाईन पड़हाईअ बाबत

(ii) साईन्सदान एं शागिर्द विच में

(प) टुकरु पढ़ी अमली कमु पूरो करियो : **(६)**

असांजी सिंधु में ओड़े पाड़े जी वड़ी अहमियत हूंदी हुई. पाड़ो आहे अबो अमड़ि. पाड़े बिन न को रुअंदो सूंहे, न को खिलन्दो सूंहे, पर हित मुम्बईअ में ख़ासि करे फ़लॅट सिस्टम में रीत ई निराली आहे. न कंहिं जी हरे रामु, न कहिं जी सतनामु ! हर को पंहिंजीअ में पूरो ! असां जे 'कृष्ना कुंजु' जी ई ग़ाल्हि वठो. सत माड़ इमारत आहे. हर माड़े ते चार घर. मूंखे ख़बर न आहे त हिति पंजें माड़े ते, जिते मां रहां थो, बि़या केरु-केरु रहंदड़ आहिनि. हिक घर जी ज़ाण अथमि त उहो घरु सिंधीअ जो आहे. घर जे मालिक जो नालो ईश्वरु खिलनाणी आहे. इहो हुन जे दर जी

लग़ल तख़्तीअ ते पढ़ियो अथमि. कड़हिं कड़हिं हू लिफ्ट में मिली वेंदो आहे. बसि, हैलो कंदे मुस्किराईंदो आहे ऐं अखियूं हेठि करे छड़ींदो आहे. उम्र अटिकल सठि साल अथसि. अछो कुर्तो, अछी धोती ऐं पेरनि में चम्पल पाईंदो आहे. मुंहिंजे घर में कमु करण वारी बुधाईंदी आहे त काके जी ज़ाल अटिकल ड़ह साल अगु गुज़ारे वेई हुई. काको घर में अकेलो रहंदो आहे. इहा जमुना ई हुन जे घर जा भांडा, बुहारी कंदी आहे. खाधे जो टिफिन ड़ींहं में हिक वेलो किथां ईंदो अथसि. काको सुबुह जो यारहें बजे घर खे़ तालो पाए किथे वेंदो आहे त वरी निमा शाम जो घरि वापसि वरन्दो आहे.

(१) मुतबदल जवाब चूंडे लिखो. (२)

(I) ईश्वरु खिलनाणीअ जी उम्र —
- (अलफ़ु) सठि साल
- (ब) पंजाह साल
- (ब़) चालीह साल

(II) इमारत जो नालो ——— कुंजु आहे.
- (अलफ़ु) जमुना
- (ब) कृष्ना
- (ब़) गीता

(२) अददनि जा जोड़ा मिलायो. (२)

(i)	गा़ल्हि	(i)	भांडा
(ii)	ख़बर	(ii)	चम्पलियूं
(iii)	चम्पल	(iii)	ख़बरुं
(iv)	भांडो	(iv)	गा़ल्हियूं

(३) ख़ाको पूरो करियो. (२)



◆◆◆